اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ايمان جي سلامتي

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوته جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي به شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي ته اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت به صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نه هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي ته اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي ته کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**.

## درود پاڪ جي فضيلت

حضرت سَيدُنا اِبنِ وَهب رَحمَۃُ اللهِ عَلَيْه کان روايت آهي ته اُمُّ المؤمنين حضرت سَيدَتُنا عائشه صِدّيقه رَضِیَ اللهُ عَنْها جي خِدمَت ۾ حضرت سَيدُنا ڪعب رَضِیَ اللهُ عَنْه حاضِر ٿيا. ماڻهن رسولِ اڪرم، نورِ مُجسّم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو تذڪرو ڪيو ته حضرت سَيدُنا ڪعب رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمايو: هر ڏينهن ستَّر (70) هزار ملائڪ لهندا آهن جيڪي رسُولِ اڪرم، نور مجسم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قَبر شريف جي چوڌاري اچي پنهنجا پَر وڇائيندا آهن ۽ رسولِ رحمت صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي دُرُود شريف پڙهندا رهندا آهن، ايستائين جو جڏهن شام ٿيندي ڏسندا آهن ته هو (آسمانن ڏانهن) چڙهي ويندا آهن ۽ انهن جيان (ٻيا ملائڪ) لهندا آهن، اهي به ائين ئي ڪندا

آهن، ايستائين جو جڏهن زمين ڳُلندي تہ حُضُورِ اکرم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ستَّر (70) هزار ملائڪن (جي جُهرمٽ) ۾ نڪرندا جيڪي حُضُور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي پهچائيندا.( مشکاۃ،کتاب احوال القیامۃ وبدء الخلق،باب الکرامات، ۴۰۱/۲ ،حدیث: ۵۹۵۵)

بَيان ڪيل حديثِ پاڪ جي تحت مفسرِ قرآن حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: خيال رهي تہ هميشہ سمورا ملائڪ ئي حُضُور (صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ) تي دُرُود موڪليندا آهن پر هي ستر (70) هزار ملائڪ اهي آهن جن کي سڄي عمر ۾ هڪ ڀيري دربار جي حاضري جي اجازت هوندي آهي، اهي حضور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ حاضري ڏيندا آهن. جيڪو ملائڪ هڪ ڀيرو حاضري ڏئي ويندو آهي، ان کي ٻيهر حاضري جو شرف ناهي ملندو، سڄي عمر ۾ صرف ڪجھ ڪلاڪ يعني اڌ ڏينهن جي حاضري نصيب ٿيندي آهي. (مفتي صاحب رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ حديثِ پاڪ جي هن حصّي " **ايستائين جو جڏهن زمين ڳُلندي تہ حُضُور** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ **ستَّر** (70) **هزار ملائڪن ۾ نڪرندا جيڪي حُضُورِ اکرم، نورِ مُجَسَّم** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ **کي پهچائيندا.**" جي وضاحت ۾ لکن ٿا:) يعني قيامت جي ان ڏينهن جي ڊيوٽي وارا ملائڪ حضور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجي جُهرمٽ ۾ وني ربّ ڪريم تائين گهوٽ جيان پهچائيندا. (مرآۃ المناجیح، ۲۸۲/۸تا ۲۸۳)

امامِ عشق و مَحبَّت، اعليٰ حضرت مولانا شاهہ احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ "**حدائقِ بخشش**" ۾ انهيءَ ڳالھ ڏانهن اِشارو ڪندي چا خُوب ارشاد فرمائن ٿا:

سَتّر ہزار صُبح ہیں سَتّر ہزار شام

یُوں بندَگیِ زُلف و رُخ آٹھوں پہر کی ہے

(حدائق بخشش،ص۲۲۰)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِه“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) نيڪ ۽ جائز ڪم ۾ جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان جو موضوع آهي ”ايمان جي سلامتي“ هن بيان ۾ اسان ٻڌنداسين تہ قرآن و حديث ۾ ايمان تي ثابت قدم رهڻ بابت ڪيتري قدر تاڪيد بيان ڪئي وئي آهي، هڪ مسلمان کي ايمان جي سلامتي جي لاءِ ڪيتري قدر فڪر مند رهڻ جي ضرورت آهي، اسان جا بزرگ سڳورا ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڪيڏو فڪرمند رهندا هئا، انهن کي ايمان جي برباد ٿيڻ جو ڪيترو خوف لاحق رهندو هو، سلبِ ايمان بابت فڪر مند رهڻ ڪيترو ضروري آهي، آخرت ۾ نجات ماڻڻ جي لاءِ ڪهڙيون تدبيرون اختيار ڪيون

وجن، ان جي علاوه ڪجهه اهڙن معاملن بابت به ٻڌنداسين جيڪي ايمان جي بربادي جو سبب بڻجي سگهن ٿا وغيره وغيره. اچو سڀ کان پهريان الله پاڪ جي انهن نيڪ ٻانهن جو قرآني واقعو ٻڌون ٿا، جن پنهنجو ايمان بچائڻ جي لاءِ هڪ غار ۾ پناهه ورتي هئي:

## اَصحابِ ڪهف جو واقعو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڪافي عرصو پهريان (عربي سمنڊ جي ڪناري مُلڪ روم جي) زمين تي "اُفسُوس" نالي شهر (City) آباد هو، اهو شهر بادشاهه "دَقيانوس" جي سلطنت ۾ ايندو هو. دقيانوس پاڻ به غير خدا جي پوڄا ڪندو هو ۽ ماڻهن کي به ان تي مجبور ڪندو هو، جيڪو انڪار ڪندو هو ته ان تي ظلم ڪندو هو ۽ عبرت ناڪ سزا ڏيندو هو. ايمان وارا ان جي ظلم کان بچڻ جي لاءِ لڪي ويندا هئا ۽ پنهنجو ايمان بچائيندا هئا. ايمان وارن جي هڪ معزّز ٽولي کي اهو خدشو هو ته هڪ نه هڪ ڏينهن دقيانوس انهن تائين پهچي ويندو ۽ انهن کي غير خدا جي پوڄا تي مجبور ڪندو، ان خطري جي ڪري انهن هي شهر ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اتان نڪرڻ لڳا، واٽ ۾ انهن جي ملاقات هڪ ٻڪرار سان ٿي جيڪو پنهنجو ايمان بچائڻ جي لاءِ شهر کان ٻاهر وڃي رهيو هو، ان سان گڏ هڪ ڪتو به هو، اهو ٻڪرار ۽ ڪتو به انهن سان گڏ هلڻ لڳو، رستي ۾ موجود هڪ غار کي انهن پنهنجو نڪاڻو بڻائي ورتو ۽ اتي آرام ڪرڻ جي خاطر سمهي پيا، غار ۾ سمهڻ کان پوءِ انهن سان ڪيئي عجيب و غريب واقعا ٿيا: (1) اهي ماڻهو غار ۾ ٽي سو نوَ سالن تائين سُتل رهيا. ٽي سو نو سال کان پوءِ جڏهن الله پاڪ جي حڪم سان هي بيدار ٿيا ته نه صرف انهن جو جسم سلامت هو، بلڪ انهن جا ڪپڙا، پيسا ايستائين جو انهن جو ڪتو به سلامت هو. (2) اهي غار ۾ سُتل هئا پر هن طرح جو ڪو انهن کي ڏسندو هو ته بيدار گمان ڪندو هو. (3) الله پاڪ جي حڪم سان سج نڪرڻ مهل غار کان ساڄي پاسي ٿي ويندو هو ۽ لهڻ مهل کاٻي پاسي ٿي ويندو هو، اهڙي طرح اهي نيڪ ماڻهو غار جي کليل حصي ۾ ليٽڻ جي باوجود سج جي شعاعن کان محفوظ رهيا.

دقيانوس کي جڏهن اها خبر پهتي تہ ڪجھ ماڻهن غير خدا جي پوڄا کان بچڻ جي لاءِ غار کي پنهنجو ٺڪاڻو بڻايو آهي تہ ان حڪم ڏنو تہ غار تي هڪ ديوار ٺهرائي وڃي تہ جيئن اهي ڪڏهن بہ غار مان نڪري نہ سگهن ۽ ان ۾ تڙپي تڙپي پساھ پورا ڪن. دقيانوس جنهن کي ديوار تعمير ڪرڻ جي ذمہ داري حوالي ڪئي هئي اهو نيڪ انسان هو، هو ان فيصلي کي بدلائي تہ نہ پئي سگهيو، تنهنڪري ان غار کي پنهنجو ٺڪاڻو ٺاهڻ وارن جا نالا ۽ ڪجھ تفصيل هڪ تختي تي لکي ان کي صندوق (Box) ۾ رکرائي ڇڏيو ۽ ان صندوق کي ديوار جي بنياد ۾ محفوظ ڪرائي ڇڏيو. پوءِ اهي اصحابِ ڪهف ٽي سو نو (309) سالن کان پوءِ هڪ مومنِ صالح بادشاھ بيدروس جي دورِ حڪومت ۾ الله پاڪ جي حڪم سان بيدار ٿيا. ( تفسير خازن،پ ١٥، الکهف، تحت الآية:١٨، ٣/ ١٩٨ تا ٢٠٣ ملخصا)

اصحاب ڪهف يعني غار وارن جو واقعو قرآنِ ڪريم جي سيپاري 15 سورة الڪهف جي آيت نمبر 9 ۾ ڪجھ هيئن آهي:

اَمْ حَسِبْتَ اَنَّ اَصْحٰبَ الْكَهْفِ وَ الرَّقِيْمِ ۙ كَانُوْا مِنْ اٰيٰتِنَا عَجَبًا ﴿۹﴾ (پ١٥، الکهف:٩)

**ترجموڪنزالايمان:** ڇا توکي خبر آهي غار ۽ جهنگ جي ڪناري وارا اسان جي هڪ عجيب نشاني هئا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ اصحابِ ڪهف کي پنهنجي ايمان جي حفاظت جو ڪيتري قدر فڪر هو جو انهن دقيانوس بادشاھ جي طرفان ڏنل غيرِ خدا جي پوڄا جي دعوت نہ ڪرائي ۽ ان جي ظلم ۽ جبر کان بچڻ ۽ ايمان تي ثابت قدم رهڻ جي لاءِ غار ۾ هليا ويا، اهو ئي سبب آهي جو الله پاڪ جو انهن

تي ڪرم ٿيو، رحمتِ الٰهي انهن ڏانهن متوجهه ٿي، ٿن صدين کان وڌيڪ عرصي تائين اهي الله پاڪ جي حفظ و امان ۾ رهيا، بدلجندڙ زماني انهن تي ڪو اثر نہ ڪيو، انهن جي حق ۾ جڻ تہ وقت رڪجي ويو، 309 سالن کان پوءِ جڏهن اهي بيدار ٿيا تہ انهيءَ طرح جوان، تروتازه ۽ زندگي سان ڀرپور هئا ۽ هيئن الله پاڪ انهن کي پنهنجي عجيب نشاني قرار ڏنو.

## هن واقعي مان ڇا سکڻ جي لاءِ مليو؟

مفسرِ قرآن، حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه اصحابِ ڪهف جي واقعي جي باري ۾ لکن ٿا: هن واقعي مان ہ مسئلہ معلوم ٿيا:

هڪ هي تہ ڪرامتِ اولياء حق آهي، اصحابِ ڪهف بني اسرائيل جا اولياء آهن، انهن جو بنا کائڻ پيئڻ جي ايتري مدت تائين زنده رهڻ ڪرامت آهي.

ٻيو هي معلوم ٿيو تہ ولي جي ڪرامت سمهندي بہ ظاهر ٿئي سگهي ٿي، ۽ موت کان پوءِ بہ ظاهر ٿئي سگهي ٿي.

هنن اوليائن جي جسم کي مٽي جو نہ کائڻ هي بہ ڪرامتِ اولياء آهي. (نور العرفان، ص۴۶۹)

يا اِلٰہی کر ایسی عنایت
دیدے ایمان پر اِستقامت
تجھ سے عطّار کی اِلتجاء ہے
یا خدا تجھ سے میری دُعا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪا ضمانت ناهي...

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جو ڪروڙين احسان جو ان اسان کي پنهنجي پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اُمت ۾ پيدا ڪيو ۽ اسلام جي دولت سان

سرفراز فرمايو، هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ اها اسان جي تمام وڏي سعادت مندي آهي جو اسان مسلمان آهيون پر گڏوگڏ اها پڻ انتهائي ڳڻتي جوڳي ڳالھ آهي تہ اسان مان ڪنهن وٽ هن ڳالھ جي ڪا ضمانت (Surety) ناهي تہ اهو مرڻ گهڙي تائين مسلمان ئي رهندو، جهڙي طرح بي شمار ڪافر خوش قسمتي سان مسلمان ٿي ويندا آهن، اهڙي طرح ڪيئي بدنصيب مسلمانن جو مَعَاذَ الله اسلام کان ڦري وڃڻ بہ ثابت آهي، جيئن

## اولادِ آدم جا طبقات

هڪ ڊگهي حديثِ پاڪ ۾ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اهو بہ ارشاد فرمايو تہ: اولادِ آدم مختلف طبقات تي پيدا ڪئي وئي، انهن مان (1) بعض مومن پيدا ٿيا ايمان جي حالت تي زنده رهيا ۽ مومن ئي مرندا، (2) بعض ڪافر پيدا ٿيا ڪفر تي زنده رهيا ۽ ڪافِر ئي مرندا، (3) بعض مومِن پيدا ٿيا مومِناڻي زندگي گذاري ۽ ڪفر جي حالت تي مُئا، ۽ (4) بعض ڪافِر پيدا ٿيا، ڪافر زنده رهيا ۽ مومِن ٿي مرندا. (ترمذی،کتاب الفتن،باب ما اخبر النبی الخ،۴/ ۸۱،حدیث: ۲۱۹۸)

## اصل ڪاميابي ڇا آهي؟

معلوم ٿيو تہ اصل ڪاميابي صرف دُنيا ۾ مومن ۽ مسلمان هئڻ ئي ناهي بلڪ ان سان گڏوگڏ مرڻ گهڙي تائين پنهنجو ايمان سلامت کڻي وڃڻ اصل ڪاميابي آهي جيئن تہ هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ هن ڳالھ کي واضح طور تي بيان ڪيو ويو. جيئن

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: يبْعَثُ كلُّ عَبْدٍ عَلَي مَا مَاتَ عَلَيه يعني هر ٻانهو ان حالت تي اٿاريو ويندو آهي، جنهن تي مرندو آهي. (مسلم،کتاب الجنۃ وصفۃ نعیمھا واہلھا، باب الامربحسن الظن باللہ تعالی الخ، ص۱۱۷۸، حدیث:۷۲۳۲)

مفسرِ قرآن، حضرتِ مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي تحت لکن ٿا: يعني اِعتبار خاتمي (موت) جو آهي، جيڪڏهن ڪو ڪفر تي مري تہ

ڪفر تي ئي اُٺندو توڙي جو زندگي ۾ مومن رهيو هجي ۽ جيڪڏهن ايمان تي مري ته ايمان تي اُٺندو، توڙي جو زندگي ۾ ڪافر رهيو هجي. (مرآة المناجيح، ۷/ ۱۵۳)

## ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڇا ڪيو وڃي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي گهرجي ته ايمان جي نعمت تي اللّٰه پاڪ جو شڪر ادا ڪريون، ❖ سڄي زندگي ايمان تي ثابت قدم رهڻ جون دُعائون گهرندا رهون، ❖ ايمان جي حفاظت ۽ مضبوطي جي لاءِ علمِ دين، خاص ڪري ايمانيات و ڪفريات جو ضروري علم سکون، ❖ ايمان جي حفاظت جي لاءِ زبان کي قينچي جيان تيز ۽ بازاري انداز ۾ هلائڻ بدران ان کي ذڪر و دُرود ۽ صرف ضروري ڳالهين جي لاءِ استعمال ڪريون ❖ ايمان کي ڪفر جي تمام خطرات کان بچايون ❖ پنهنجي پاڻ کي ايمان ضائع ڪرڻ وارن سمورن ڪمن کان بچايون، ❖ آخري پساهه تائين ايمان تي استقامت جي لاءِ نماز، روزا ۽ شريعت جي پابندي ڪريون ❖ ايمان تي استقامت جي لاءِ اللّٰه پاڪ ۽ ان جي پياري جي رضا وارا ڪم ڪندا رهون، ❖ ايمان تي استقامت جي لاءِ اللّٰه پاڪ ۽ رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ناراضي ۽ نافرماني کان هر گهڙي بچندا رهون.

اللّٰه پاڪ قرآن ڪريم ارشاد فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ حَقَّ تُقٰتِهٖ وَ لَا تَمُوْتُنَّ اِلَّا وَ اَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿۱۰۲﴾
(پ۴،آل عمران:۱۰۲)

ترجمو ڪنزالايمان: اي ايمان وارؤ! اللّٰه کان ڊڄو جيئن ان کان ڊڄڻ جو حق آهي ۽ اوهان مسلمان ٿي ئي مرو.

هن آيتِ مبارڪ جي تحت تفسير نورالعرفان ۾ آهي: هن مان معلوم ٿيو ته اسلام تي خاتمي ٿيڻ جو اعتبار آهي. جيڪڏهن سڄي عمر مومن رهي مرندي

وقت ڪافر ٿي وڃي ته اهو اصلي ڪافر وانگر آهي.

انهيءَ مفهوم جي هڪ ٻئي آيت مبارڪ جي تحت مفتي صاحب لکن ٿا ته معلوم ٿيو ته مسلمان ٿيڻ ڪمال ناهي بلڪ مسلمان مرڻ ڪمال آهي. اللّٰه پاڪ اسان سيني کي ايمان تي موت نصيب فرمائي. (پ۱،البقرة،تحت الاية:۱۳۲)

حضوراڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالْخَوَاتِيْمِ يعني عملن جو دارومدار خاتمي تي آهي. (بخاری ، کتاب القدر ، باب العمل بالخواتم، ۲۷۴/۴،حديث ۶۶۰۷)

اللّٰه پاڪ اسان کي ايمان جي سلامتي سان اتاري ۽ نيڪ ماڻهن سان گڏ اسان جو حشر فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ايمان جي حفاظت جي لاءِ برن جي صحبت کان دور رهو ❖ ايمان جي حفاظت جي لاءِ نيڪ ماڻهن سان پنهنجو تعلق مضبوط ڪيو ❖ ايمان جي حفاظت جي لاءِ علمِ دين سکو ❖ ايمان جي حفاظت جي لاءِ گناهن کان دور رهو ❖ ايمان جي حفاظت جي لاءِ نيڪين تي استقامت حاصل ڪيو ❖ ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڪامل ايمان وارن جي سيرت جو مطالعو ڪيو ❖ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فضول ڳالهائڻ کان پرهيز ڪيو ❖ ايمان جي حفاظت جي لاءِ دين جي معاملي ۾ محتاط رهو ❖ ايمان جي حفاظت جي لاءِ هر ان ڪم کان بچو جنهن ۾ اللّٰه ۽ رسول جي ناراضي هجي.

## رب جي ناراضي وارو ڪم نه ٿئي وڃي.

حضرت امام حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان پڇيو ويو: اوهان جو ڪهڙو حال آهي؟ فرمايائون: جنهن شخص جي ٻيڙي درياء جي وچ ۾ وڃي ٽٽي پئي، ان جا تختا جدا ٿي وڃن ۽ هر شخص لوڏا ڪائيندي تختن تي نظر اچي ته ان جو ڪهڙو حال هوندو؟ عرض ڪيو ويو: تمام گهڻو پريشاني وارو. فرمايائون: منهنجو به اهو حال آهي.

هڪ پيري پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ايتري قدر اداس ٿيا جو ڪيئي سالن تائين نہ کليا. ماڻهن سندن کي ائين ڏسندا هئا ڄڻ کو اڪيلائي واري قيد ۾ آهي ۽ ان کي موت جي سزا ٻڌائي وڃڻ واري آهي. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کان بي چينيءَ ۽ پريشاني جو سبب پڇيو ويو تہ اوهان ايتري عبادت ۽ رياضت ۽ مجاهدن جي باوجود فڪر مند ڇو رهندا آهيو؟ فرمايائون: مون کي هر وقت اهو خوف رهندو آهي تہ ڪٿي مون سان ڪو اهڙو ڪم نہ ٿئي وڃي جنهن جي سبب الله پاڪ ناراض ٿي وڃي ۽ هو فرمائي ڇڏي تہ تون جيڪو چاهين ڪر پر منهنجي رحمت تون سان گڏ نہ هوندي. رڳو انهيءَ ڪري مان پنهنجي جان ڳاري رهيو آهيان. ( ڪيميائے سعادت،رکن چہارم:منجیات ،فصل اسباب سوء خاتمت، ۲/ ۸۳۲ )

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسلام جي دامن سان وابستہ ٿيڻ وارن کي اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بہ ڪيئي ڀيرا اسلام ئي جي نور ۾ رهڻ، ڪفر جي تاريڪين کان بچڻ ۽ ڪفر کان هميشہ بيزار رهڻ جي ترغيب ڏياري آهي، جيئن فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: ٽي خصلتون اهڙيون آهن جنهن ۾ اهي هونديون اهو انهن جي ڪري ايمان جي مناس (Sweetness) حاصل ڪري وٺندو (1) جنهن جي ويجهو الله پاڪ ۽ ان جو رسول (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) ٻين کان وڌيڪ محبوب هجي (2) جيڪو ڪنهن ٻانهي سان محبت ڪري ۽ ان جي محبت صرف الله پاڪ جي لاءِ هجي ۽ (3) جنهن کي الله پاڪ ڪفر مان ڪڍيو هجي اهو ڪفر ۾ واپس ٿيڻ کي اهڙي طرح ناپسند ڪري جهڙي طرح باهہ ۾ وڌو وڃڻ کي ناپسند ڪري. (مسلم، کتاب الایمان، باب بیان خصال من اتصف الخ، ص ۴۷، حدیث:۱۶۵)

## جهنم جون هولناڪيون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جنهن بد نصيب جو ڪفر تي خاتمو ٿيندو، اهو قبر جي عذاب ۾ تہ گرفتار ٿيندو ئي، ان سان گڏوگڏ هميشہ هميشہ جي لاءِ جهنم ۾

ٻه وڃڻو پوندو ۽ جهنم جون هولناڪيون تمام گهڻيون سخت آهن. صدرُ الشَّريعہ مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جهنم جون هولناڪيون بيان ڪندي نقل فرمائن ٿا:❖ حضرت جبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان قسم کڻي عرض ڪيو: ته جيڪڏهن جهنم مان سُئي جي سوراخ برابر کوليو وڃي ته تمام زمين وارا سڀ جا سڀ ان جي گرمي سان مري وڃن ۽ ❖ قسم کڻي چيو: ته جيڪڏهن جهنم جو ڪو داروغو (يعني محافظ و نگران) دنيا وارن تي ظاهر ٿئي ته زمين تي رهندڙ سڀ جا سڀ ان جي هيبت (Horror) سان مري وڃن ۽ ❖ قسم کڻي بيان ڪيائين ته جيڪڏهن جهنمين جي زنجير جي هڪ ڪڙي دنيا جي جبلن تي رکي وڃي ته اهي ڏڪڻ لڳن ۽ انهن کي قرار نه اچي، ايستائين جو زمين جي اندر دٻجي وڃن. ❖ اها دنيا جي باهه (جنهن جي گرمي ۽ تيزي سان ڪير واقف ناهي جو ڪنهن موسم ۾ ته ان جي ويجهو وڃڻ ڏکيو هوندو آهي، پوءِ به اها باهه) خدا کان دعا ڪندي آهي ته ان کي جهنم ۾ ٻيهر نه آندو وڃي، پر تعجب آهي انسان تي جو جهنم ۾ وڃڻ جا ڪم ڪندو آهي ۽ ان باهه کان ناهي ڊڄندو جنهن سان باهه به ڊڄندي ۽ پناهه گهرندي آهي. ❖ ان (جهنّم) ۾ مختلف طبقا ۽ وَادي ۽ ڪوهه آهن، ڪجهه واديون اهڙيون آهن جو جهنم پڻ هر ڏينهن ستّر ڀيرا يا وڌيڪ اُن کان پناهه گهرندو آهي، اها ان مڪان جي حالت آهي، جيڪڏهن ان ۾ ٻيا ڪي عذاب نه هجن ته اهو ئي گهٽ آهي ڇا! پر ڪافرن جي سَرزَنِش(تنبيهه) جي لاءِ ٻيا طرح طرح جا عذاب مهيا ڪيا ويا آهن، ❖ لوهه جي اهڙن وزني گُرزن سان ملائڪ ماريندا جو جيڪڏهن ڪو گُرز زمين تي رکيو وڃي ته تمام جن و انس گڏ ٿي ان کي کڻي نه سگهن، ❖ ڪافر جان کان عاجز اچي پاڻ ۾ مشورو ڪري داروغهءِ جهنم (جهنم جي محافظ ملائڪ) مالڪ عَلَيْهِ السَّلَام کي سڏيندا: ته اي مالڪ (عَلَيْهِ السَّلَام)! تنهنجو رَبّ اسان جو قصو تمام ڪري ڇڏي، مالڪ عَلَيْهِ السَّلَام هزار (1000)سالن تائين جواب نه ڏيندو، هزار سالن کان پوءِ فرمائيندو: مون کي چو ٿا چئو، ان کي چئو جنهن جي نافرماني ڪئي اٿوَ! هزار سالن تائين رَبُّ العزت کي اُن جي رحمت جي

نالن سان پڪاريندا، هو هزار سالن تائين جواب نہ ڏيندو، ان کان پوءِ فرمائيندو تہ اهو فرمائيندو: پري ٿي وڃو! جهنم ۾ پيل رهو! مون سان نہ ڳالهايو!! ❖ ان وقت ڪافر هر قسم جي خير(ڀلائي) کان نا اُميد ٿي ويندا ۽ ❖ گڏهہ جهڙي آواز جيان رڙيون ڪري روئندا، ❖ شروع ۾ لڙڪ وهندا، ❖ جڏهن لڙڪ ختم ٿي ويندا تہ رَت روئندا، ❖ روئيندي روئيندي ڳلن ۾ کڏا پئجي ويندا، ❖ روئڻ وارو رت ۽ پونء ايتري قدر هوندو جو جيڪڏهن ان ۾ ڪشتيون وڌيون وڃن تہ هلڻ لڳن (اَلْاَمَان وَ الْحَفِيظ)۔ (بہار شریعت ، حصہ :۱، ۱/ ۱۶۵تا ۱۶۹ملتقطا)

## عزيزن جي روپ ۾ ايمان تي ڌاڙو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! دنيا ۾ اچڻ لاءِ تہ اسان اچي وياسين پر هاڻي دنيا مان ايمان کي سلامت کڻي وڃڻ جي لاءِ سخت دشوار گذار گهاٽين مان گذرڻو پوندو ۽ پوءِ بہ ڪا خبر ناهي تہ خاتمو ڪهڙو ٿيندو! ياد رکو!!موت جي وَقت ايمان کسڻ جي لاءِ شيطان طرح طرح جا حيلا بهانا ڪندو آهي ايستائين جو ماءُ پيءُ جو رُوپ ڌاري بہ ايمان تي ڌاڙو هڻندو آهي ۽ ڪڏهن مرڻ واري جي سامهون سڪرات جي وقت ان جي پيارن جي صورت اپنائي ايندو آهي ۽ يهود ونصاريٰ کي دُرُست ثابِت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري مرڻ واري کي يهودي يا نصراني مذهب اختيار ڪرڻ جو چوندو آهي تہ ڪڏهن ايمان کسڻ جي ڪا ٻي چال هلندو آهي. يقيناً اهو اهڙو نازُڪ موقعو هوندو آهي تہ بس جنهن تي الله پاڪ جو خاص ڪرم ۽ اِحسان هجي اهو ئي ڪامياب و ڪامران ٿيندو آهي ۽ ان جو ايمان سلامت رهندو آهي. جيئن تہ

اعليٰ حضرت، اِمامِ اَهلسنّت، مولانا شاه امام اَحمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فتاوٰي رضويہ جلد 9 صَفحي 83 تي فرمائن ٿا: دمِ نَزع (يعني سڪرات جي وقت) بہ شيطان، انسان جي ٻنهي پاسن کان اچي ويهندا آهن هڪ ان جي پيءُ جي شڪل ۾، ٻيو ماءُ جي. هڪ چوندو آهي: اهو شخص يهودي ٿي مُئو ٿُون (بہ) يهودي ٿي وڃ چوتہ يهودي اتي وڌي سُک ۾ آهن. ٻيو چوندو آهي: اهو شخص نصراني

(تي دنيا مان) ويو ٿُون بہ نصراني ٿي وڃ ڇوتہ نصراني اتي وڏي آرام سان آهن.( فتاوی رضويہ، ۹/۸۳)

## ايمان تي موت اچي تہ اڄ ۽ هينئر ئي اچي!

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي دُنيا مان ايمان سلامت کڻي وڃڻ وارو معاملو انتهائي تشويشناڪ آهي، ڪاش! اسان سڀني کي ايمان جي حفاظت جي جذبي تي استِقامت ملي وڃي. ڪاش! عافيت سان ايمان تي موت جي تڙپ کي دنيا ۾ آسان زندگي گذارڻ جي ارمان تي سبقت حاصِل ٿي وڃي.

حضرت سيدُنا امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان منقول هڪ بُزُرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ارشاد جو خُلاصو آهي: جيڪڏهن ايمان تي موت منهنجي پنهنجي خاص ڪمري جي دروازي تي ملي رهيو هجي ۽ شهادت عمارت جي مين گيٽ تي منتظر هجي تہ شهادت توڙي جو اعليٰ دَرَجي جي سَعادت آهي پر مان ڪمري جي دروازي تي ملندڙ ايمان تي موت کي يڪدم قبول ڪندس تہ ڪهڙي خبر عمارت جي مين گيٽ تائين پهچندي پهچندي منهنجي دل بدلجي وڃي ۽ مان ايمان تي ملندڙ موت جي شَرَف کان ئي محروم ٿي وڃان!! ( احياء العلوم، كتاب الخوف والرجاء، بيان فضيلة الخوف الخ،۴/۲۱۱)

مريضِ مَحَبَّت کا دم ہے لبوں پر    سِرہانے اب آجاؤ شاہِ مدینہ

## جنهن کي ايمان جي برباديءَ جو خوف نہ هوندو

بهر حال اسان کي هر گهڙي الله پاڪ جي دربارِ ڪرم سان ايمان جي حفاظت جي خيرات گهرندو رهڻ گهرجي. تشويش ۽ سخت تشويش جي ڳالهہ اها آهي تہ جهڙي طرح دُنيوي دولت جي حفاظت جي مُعامَلي ۾ غفلت مالي نقصان جو سبب بڻجي سگهي ٿي اهڙي طرح بلڪ ان کان بہ گهڻو سخت مُعامَلو ايمان جو آهي، ڇوتہ ايمان جي حفاظت کان بي فڪري ۽ ايمان کسجڻ کان بي خوفي سراسر نقصان ده آهي. عالم سڳورا فرمائن ٿا: جنهن کي ايمان جي کسجي وڃڻ جو خوف نہ هجي مرڻ وقت اُن جو ايمان کسجي وڃڻ جو انديشو آهي.( ملفوظات اعلی حضرت،ص۴۹۵)

معلوم ٿيو تہ ايمان جي حفاظت کان غفلت سراسر نقصان ده آهي، تنهنڪري اسان کي هر گهڙي اللّٰه پاڪ جي خفيہ تدبير کان ڊڄندي ان کي راضي ڪرڻ جون ڪوششون جاري رکڻ گهرجن. اچو اللّٰه پاڪ جي خُفيہ تدبير جي باري ۾ هڪ رقّت انگيز واقعو ٻڌون ٿا:

## هر وقت خاتمو بالخير جي دُعا جو سبب

حضرت عبدُ اللّٰه مؤذن رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ: آئون ڪعبي جو طواف ڪري رهيو هُيس تہ هڪ شخص تي نظر پئي جيڪو ڪعبي جي غلاف سان چنبڙي هڪ ئي دعا هر هر ورجائي رهيو هو. يا اللّٰه مون کي دنيا مان مسلمان ئي رخصت ڪجان. مون هُن کان پڇيو: هن دعا کان علاوه ڪا ٻي دُعا ڇو نٿو گهرين؟ هُن چيو: منهنجا ٻہ ڀائر هئا، وڏو ڀاءُ هڪ عرصي تائين مسجد ۾ بنا معاوضي جي اذان ڏيندو رهيو جڏهن اُن جي موت جو وقت آيو تہ هن قرآن پاڪ گُهريو، اسان ان کي ڏنو تہ جيئن قرآن پاڪ مان برڪتون حاصل ڪري، پر قرآن شريف هٿ ۾ وٺي ڪري هُو چوڻ لڳو: توهان سڀئي گواهہ ٿي وڃو تہ آئون قرآن جي سڀني اعتقادن ۽ احڪامن کان بيزار آهيان ۽ نصراني (يعني عيسائي) مذهب اختيار ڪريان ٿو. پوءِ هُو مري ويو. اُنهي کان پوءِ ٻئي ڀاءُ 30 سالن تائين مسجد ۾ فِي سبيل اللّٰه اذان ڏني پر هن بہ آخري وقت نصراني هئڻ جو اعتراف ڪيو ۽ مري ويو. تنهنڪري آئون پنهنجي خاتمي جي باري ۾ تمام گهڻو فڪرمند آهيان ۽ هر وقت خاتمو بالخير جي دعا گهرندو رهان ٿو. حضرت سيِّدُنا عبداللّٰه مُؤذِّن رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جن اُن کان حقيقت معلوم ڪئي تہ آخر تنهنجا ٻئي ڀائر اهڙو ڪهڙو گناهہ ڪندا هئا؟ هن ٻڌايو: ”اُهي غير عورتن ۾ دلچسپي وٺندا هئا ۽ اَمردن (يعني بنا ڏاڙهي وارن ڇوڪرن) سان دوستي ڪندا هئا“. (الروض الفائق،المجلس الثانی،ص۱۴)

مِرا دل ہو پُر حُبِّ جاناں سے یا رَبّ بچا ہر گھڑی جُرم و عِصیاں سے یا رَبّ
میں دُنیا سے جس دم چلوں جاں سے یا رَبّ نہ خالی ہو دل میرا ایماں سے یا رَبّ

## بري خاتمي جا چار سبب

**شرح الصدور ۾ آهي، ڪجهه عالِمَ سڳورا فرمائن ٿا: بري خاتمي جا چار سبب آهن. (1) نماز ۾ سستي (2) شراب نوشي (3) والدين جي نافرماني (4) مسلمانن کي تڪليف ڏيڻ.** (شرحُ الصّدور ص ٢٧)

اميراهلسنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ فرمائن ٿا: بري صحبت ايمان جي لاءِ تمام خطرناڪ آهي پر افسوس! اسان برن دوستن کان پاسو نٿا ڪيون، ڪچھرين جي مجلسن کان پاڻ کي نٿا بچايون، مذاق مشڪرين، کان جان نٿا ڇڏايون. افسوس بري صحبت جي نحوست اهڙي چانيل آهي جو ٿوري لمحي جي لاءِ بہ اڪيلائيءَ ۾ يادِ الاهي ڪرڻ جي دل نٿي چاهي، ايمان جي حفاظت جي توڙي جو چاهت آهي پر هن جي لاءِ برا دوست ڇڏڻ بلڪ ڪنهن بہ قرباني ڏيڻ جي همت ناهي. ياد رکو! برو دوست ايمان جي لاءِ نقصان جو باعث ٿي سگهي ٿو. اسان جي پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: انسان پنهنجي دوست جي دين تي هوندو آهي ان کي اهو ڏسڻ گهرجي تہ ڪنهن سان دوستي ڪري ٿو. (مسند امام احمد ، مسند ابی ہریرۃ، ٣/١٦٨، حدیث :٨٠٣۴ )

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايمان ۽ ڪفر جي تعلق سان ضروري معلومات

ياد رهي تہ! ايمان ۽ ڪفر جي ضروري معلومات جو حاصل ڪرڻ بلڪ ان سيني اسلامي عقائدن جو ڄاڻڻ ضروري آهي جو جن جي ذريعي انسان سچو پڪو مسلمان بڻجي يعني اهڙن عقيدن جو ڄاڻڻ جن جو انڪار ڪرڻ سان انسان اسلام مان نڪري وڃي يا گمراهہ ٿي وڃي. انهن جي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ڇپيل هنن ڪتابن جو مطالعو تمام گهڻو فائدو ڏيندو. (1) ڪتاب العقائد (2) بنيادي عقائد ۽ معمولاتِ اهلِ سنت. (3) بهارشريعت جي پهرين جلد جو پهريون حصو

اي عاشقانِ رسول! مدني مذاڪرن ۾ اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ ۽ جانشين امير اهلسنت مدظله جي صحبت يقينًا تمام وڏي نعمت ۽ ايمان جي سلامتي جو سبب آهي. ٿي سگهي ٿو ڪنهن جي ذهن ۾ اهو سوال پيدا ٿئي تہ مان تہ ڪيترو پري آهيان، مان ان جي صحبت جون برڪتون ڪيئن حاصل ڪري سگهان ٿو؟ اچو ٻڌون ٿا تہ ظاهري ملاقات ۽ صحبت نہ هئڻ جي صورت ۾ ڪهڙو انداز اختيار ڪيو وڃي جو انهن هستين جو فيضان حاصل ٿي سگهي، انهن ڪان برڪتون حاصل ڪري سگهجن، مدني چينل سڄي دنيا ۾ جتي نيڪي جي دعوت عام ڪري رهيو آهي، اتي ماڻهن جي ايمان جو تحفظ بہ ڪري رهيو آهي، بلڪ مدني چينل جي برڪت سان هاڻي تائين خبر ناهي ڪيترائي غير مسلمان اسلام جي دامن سان وابستہ ٿي چڪا آهن. مدني چينل تي بہ اميراهلسنت ۽ جانشينِ امير اهلسنت جي زيارت جو موقعو ملندو رهندو آهي. دعوت اسلامي جي مجلس آئي ٽي عاشقانِ رسول جي لاءِ هڪ تمام ئي شاندار ڪم ڪيو آهي، اهو ڪهڙو آهي اچو ٻڌون ٿا!!!

## جانشينِ عطار ايپليڪيشن جو تعارف

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ دينِ متين جو پيغام پهچائڻ لاءِ مصروفِ عمل آهي، هن جديد دور ۾ تبليغِ دين لاءِ جديد ذريعا بہ اپنايا پيا وڃن. انهيءَ سلسلي جي تحت جانشين اميراهلسنت حضرت مولانا عبيد رضا عطاري مدني جي نالي سان بہ هڪ ايپليڪيشن(Application) ٺاهي وئي آهي. جنهن جو نالو آهي: ”الحاج عبيد رضا عطاري“ (AL-Haaj Ubaid Raza Attari) هن ايپليڪيشن ۾ جانشينِ اميراهلسنت جا بيان، شارٽ ڪلپون، مختلف مصروفيتون، مدني چينل ريڊيو، ڪلب وغيره جي ڊائون لوڊنگ ۽ سرچنگ جي سهولت شامل ڪئي وئي آهي. اڄ ئي پنهنجي موبائل ۾ اها ايپ انسٽال ڪيو ۽ هن مان خوب فائدو وٺو.

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "مدني قافلو"

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! گُناهن جي نحوست ٻہ ڪڏهن ڪڏهن بري خاتمي جو سبب بڻجندي آهي، تنهنڪري اسان کي گُناهن کان بچندي اللّٰه پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي صحبت اختيار ڪرڻ گهرجي تہ جيئن انهن جي چڱي صحبت جي برڪت سان گُناهن کان نفرت، نيڪين سان محبت ۽ ايمان جي حفاظت جو فڪر نصيب ٿئي. هن سلسلي ۾ اَلْحَمْدُلِلّٰه عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستگي بہ نهايت مفيد آهي، تنهنڪري اوهان بہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن ۾ بہ جيتري قدر ٿي سگهي حصّو وٺو. ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم **"مدني قافلو"** بہ آهي. ان جي تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جي رسالي **"مدني قافلو"** جو مطالعو ڪريو، تمام اسلامي ڀائر ۽ خاص ڪري ذمہ داران هن رسالي جو لازمي مطالعو ڪن.

هي رسالو مڪتبةُ المدينہ جي بستي تي دستياب هئڻ سان گڏوگڏ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ تان بہ پڙهي سگهجي ٿو. مدني قافلي ۾ سفر سان جتي دين و دنيا جون برڪتون ملڻ، ايمان جي حفاظت ڪرڻ، نيڪين ۾ زندگي گذارڻ ۽ باطني بيمارين کان بچڻ جو ذهن بڻجندو آهي اتي جسماني مريض بہ اللّٰه پاڪ جي رحمت سان شفاياب ٿيندا آهن. اچو! هن باري ۾ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا. جيئن

## 19 سال پراڻي مرض ۾ ڪمي ڪيئن آئي

ڪراچي جي عَلائقي ناظِم آباد جي رهائشي هڪ وڏي عمر جي اسلامي ڀاءُ مدني قافلي جي برڪتن جو تذڪرو ڪجهہ هن طرح ڪيو، مان تقريباً 19 سالن کان ساهہ جي مَرَض ۾ مُبتَلا هيس. ڪڏهن ڪڏهن بيماري جي شِدَّت جي ڪري مونکي گهٽي تڪليف جو منهن ڏسڻو پوندو هو، ڪڏهن تہ آڌي رات جو طبيعت بگڙجي ويندي هئي تہ انهيءَ وَقت ڊاڪٽر (Doctor) وٽ وڃڻو پوندو هو.

مطلب تہ مان تمام گھڻو پريشان رهندو هيس. عِلاج سان وقتي طور تہ آرام اچي ويندو هو پر مونکي مستقل سڪون ميسر نہ هو. منهنجي خوش قسمتي جو هڪ پيرو عاشقانِ رسول جي همراهہ ٽن (3) ڏينهن جي مَدَني قافِلي ۾ سفر جي سعادت حاصِل ٿي. مَدَني قافِلي جي بَرَڪت سان جتي اُنهن جا ڏينهن رات عبادتِ الٰهي ۾ گذريا، عِلمِ دين حاصِل ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ اتي بيون بَرڪتون بہ نصيب ٿيون. اَلْحَمْدُلِلّٰه مَدَني قافِلي جي دوران اُنهن ٽن ڏينهن ۾ نہ ئي اِنجڪيشن جي حاجت پيش آئي ۽ نہ ئي ڪنهن ڊاڪٽر وٽ وڃڻو پيو بلڪ اتي اهڙو اِطمينان ۽ سُڪون مليو جو ان کان پهريان ڪڏهن نہ مليو هو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه مَدَني قافِلي جي بَرَڪت سان اُنهن جي 19سال پُراڻي مَرَض ۾ واضح ڪمي آئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايمان ڪسڻ لاءِ ڦر مار

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ايمان جي سلامتي ۽ حفاظت جي اهميت جي باري ۾ پڙهي رهيا هئاسين، اي ڪاش! اسان کي ايمان جي حفاظت جي لاءِ بزرگانِ دين جهڙي سوچ ۽ تڙپ نصيب ٿي وڃي، الله جا نيڪ ٻانها ايمان ڪسجڻ جي خوف سبب ڪيتري قدر ڏڪندا رهندا هئا، اچو ان باري ۾ ڪجھ واقعا ٻڌون ٿا: جيئن

## ايمان جي ڪسجڻ جي فڪر ۾ سڄي رات گريہ وزاري

حضرت سيدُنا يوسُف بن اَسباط رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان هڪ ڀيري حضرتِ سيدُنا سُفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وٽ حاضِر ٿيس، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سڄي رات روئيندا رهيا. مون پڇا ڪئي: ڇا توهان گُناهن جي خوف سبب روئي رهيا آهيو؟ تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ ڪک کنيو ۽ فرمايائون: گُناهہ تہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ هن ڪک کان بہ گهٽ حَيثيت رکن ٿا، مون کي تہ هن ڳالھ جو خَوف آهي تہ ڪٿي ايمان جي دولت نہ کسجي وڃي. (منہاج العابدین، الباب الخامس: العقبۃ الخامسۃ، الاصل الثالث فی ذکر ماوعد الخ، ص۱۶۹)

## مون کي بس ايمان تي خاتمي جو فڪر آهي

حضرت سَيدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهيءَ باري ۾ نقل فرمائن ٿا: حضرت سُفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وفات مهل روئڻ ۽ دانهون ڪرڻ لڳا. ماڻهن دِلاسو ڏيندي عرض ڪيو: يا سيدي! گهبرايو نه، الله پاڪ جي رَحمت تي نظر رکو. فرمايائون: بُري خاتِمي جو خوف رُوئاري رهيو آهي. جيڪڏهن ايمان تي خاتِمي جي ضَمانت ملي وڃي ته پوءِ مون کي هن ڳالهه جي پرواهه ناهي توڙي جو جبل (Mountains) جي برابر گناهن سان الله پاڪ کان ملاقات ڪيان. (احياء العلوم، كتاب الخوف والرجاء، بيان فضيلة الخوف الخ،٢١١/۴)

مسلماں ہے عطار تیری عطا سے ہو ایمان پر خاتمہ یا الٰہی

(وسائلِ بخشش مرمم، ص١٠۵)

## حفاظَتِ ايمان جي دعا ڏيو

حضرتِ سيدُنا ابن ابو جميله رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا ته هڪ شخص حضرتِ سيدُنا رجاء رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي اَلوداع ڪندي چيائين: اي ابومِقدام! الله پاڪ اوهان جي حفاظت فرمائي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: اي پائٽيا! جان جي حفاظت جي نه بلڪ ايمان جي حفاظت جي دعا ڏيو. (حلية الاولياء، رجاء بن حيوة، ۵/١٩٦، رقم:٦٨٠٩)

## ايمان جي حفاظت جي لاءِ ماڻهن کان عليحدگي

قوتُ القلوب ۾ آهي: هڪ شخص سيني کان الڳ رهندو هو. حضرت سيدُنا ابودَرداء رَضِيَ اللهُ عَنْه ان وٽ تشريف کڻي آيا، جڏهن ان جو سبب پڇيو ته ان چيو: منهنجي دل ۾ اهو خوف ويهي ويو آهي ته ڪٿي ائين نه ٿئي جو منهنجو ايمان کسجي وڃي ۽ مون کي ان جي خبر تائين نه پوي. (قوت القلوب، الفصل الثانی الثلاثون، شرح مقامات اليقين...الخ، ١/٣٨٨ملخصا)

اي عاشقانِ اولياء: حضور سيدي غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ولين جا سردار آهن، پر سندن عيد جي ڏينهن شعر پڙهيا جن جو ترجمو هي آهي: ماڻهو چئي رهيا آهن ته سڀاڻي عيد آهي! سڀاڻي عيد آهي! ۽ سڀئي ماڻهو خوش آهن. پر مان ته جنهن

ڏينهن هن دنيا مان پنهنجو ايمان سلامت کڻي ويندس، منهنجي لاءِ تہ اهو ئي ڏينهن عيد جو هوندو. (صراط الجنان، ۱/)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ اولياء الله ڪي هن ڳالھ جو خوف هوندو هو تہ ڪٿي اسان کان اسان جو ايمان نہ کسجي وڃي، ❖ اولياء الله ڪثرتِ عبادت جي باوجود الله پاڪ جي ناراضي وارن ڪمن ۽ ڳالهين کان بچندا هئا، ❖ اولياء الله ٻين کي بہ ايمان تي خاتمي جي دُعا جو چوندا هئا، ❖ اولياء الله حفاظتِ ايمان جي لاءِ لڙڪ وهائيندا هئا، ❖ اولياء الله حفاظتِ ايمان جي لاءِ غير ضروري ميل جول کان بچندا هئا. تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ الله وارن جي نقشِ قدم تي هلون، پنهنجي زبان جي حفاظت ڪريون، فضول ۽ غير ضروري ميل جول کان بچون، نيڪين جو شوق پنهنجي دل ۾ پيدا ڪريون، پنهنجي گناهن تي لڙڪ وهايون ۽ گناهن کان سچي توبہ ڪريون، الله پاڪ کان دنيا ۽ آخرت ۾ عافيت ۽ نجات جي دُعا گهرون ۽ ان جي لاءِ عملي ڪوششون بہ جاري رکون. اسان کي گهرجي تہ پنهنجي گناهن کي ياد ڪيون، انهن تي لڙڪ وهايون ۽ الله پاڪ کان توبہ ۽ استغفار ڪيون. بدقسمتي سان اڄڪلھ اسان روئيندا تہ آهيون پر خطائن تي يا خوفِ خدا جي ڪري ناهيون روئندا بلڪ دُنيا جي غمن جي ڪري روئندا آهيون. جڏهن تہ بزرگانِ دين رحمهم الله جي ويجهو دنيا جي محبت يا مال جي ضايع ٿيڻ تي روئڻ قابلِ تعريف نہ هو بلڪ انهن بزرگن جي نزديڪ خوفِ خدا ۾ روئڻ، عشقِ مُصطَفٰي ۾ لڙڪ وهائڻ، گناهن تي اشڪباري (Weeping) ڪرڻ ۽ ايمان جي کسجي وڃڻ جي ڊپ سبب گريہ و زاري ڪرڻ ساراھ لائق هو. جيئن تہ

## دُنياوي سامان وڃي تہ وڃي پر ايمان نہ وڃي

حضرت عبدُالله تُستري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان ڪنهن شڪايت جي طور تي عرض

ڪيو: سائين چور منهنجي گهر مان سمورو مال چورائي ڪٽي ويا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمايائون: جيڪڏهن شيطان توهان جي دل ۾ داخل ٿي ايمان ڪٽي وڃي ها ته پوءِ توهان ڇا ڪرين ها؟ (ڪيميائے سعادت،رکن چہارم: منجيات، فصل بربلا نيز شکر بايد کرد،٢/ ٨٠٥)

اي ڪاش! اسان به بُزرگ سڳورن جي نقشِ قدم تي هلندي ❖ خوفِ خدا سان روئون، ❖ايمان تي خاتمي جي لاءِ روئون، بُري خاتمي جي خوف سبب لڙڪ وهايون، ❖ يادِ خدا ۾ آهه و زاري ڪريون، ❖ عشقِ مُصطفيٰ ۾ پنهنجا پڃايون، ❖ مديني جي ياد ۾ تڙپون، ❖ جنت البقيع جي طلب ۾ گريه و زاري ڪريون، ❖ قيامت جي گهبراهٽ کان بچڻ جي لاءِ اکيون آليون ڪريون،❖ پل صراط تان آساني سان گُذر ٿي وڃي ان ڪري روئون، ❖ميزانِ عمل تي نيڪين جو پڙ وزن دار ٿي وڃي ان لاءِ ٻاڏايون، ❖ بلڪ بي حساب بخشجڻ جي لاءِ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ روئي روئي اکيون سُڄايون، ❖ پنهنجي خطائن تي ڳوڙها ڳاڙي گناهن جي معافي ۽ سچي توبه جي خيرات طلب ڪريون.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو هاڻي ڪي اهڙا ڪم ٻڌون ٿا جن سان ايمان جي حفاظت ٿئي سگهي.

هڪ اهو ته ايمان جي تحفظ لاءِ خوب دعائون ڪيون وڃن. ٻيو اهو ته گناهن کان بچيو وڃي ڇوته گناهه ڪفر جا قاصد هوندا آهن. ٽيون اهو ته خوب نيڪيون ڪيون وڃن جو نيڪ ڪمن سان ايمان کي تقويت ملندي آهي.

چوٿون اهو ته ايمان جي حفاظت جي اوراد و وظائف کي به پنهنجي معمولات ۾ شامل ڪيو وڃي. الحمدلله شجره قادريه رضويه عطاريه ۾ ايمان جي سلامتي جا مختلف اوراد موجود آهن، هنن کي پڙهڻ ۾ پابندي ڪئي وڃي ته الله پاڪ جي رحمت سان دنيا ۽ آخرت ۾ ان جون برڪتون حاصل ٿينديون. ان شاءالله

هڪ ڪم اِهو به ڪيو ته ڪنهن جامع شرائط پير سان بيعت ٿي وڃو. هن سان

۾ ايمان جي حفاظت ٿيندي آهي. سرڪارِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي دامن سان وابسته ٿيڻ وارن مريدن جي ته ڇا ڳالھ ڪجي. شيخ ابو سَعُود عبدالله رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا. شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنھنجي مريدن لاءِ قيامت تائين ھن ڳالھ جا ضامن آھن ته انھن مان ڪوبہ بنا توبھ ڪرڻ جي نہ مرندو. (بہجۃالاسرار،ذکرفضل اصحابہ وبشراھم، ص١٩١)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدللّٰه ھن پرفتن دور ۾ امير اھلسنت باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا محمدالياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جي ذات اسان لاءِ تمام وڏي نعمت آھي، جيڪو سندن جو مريد ٿيندو آھي، پاڻ ان کي غوثِ پاڪ جي دامن سان وابستہ ڪري ڇڏيندا آھن.

جي ھا! اميراھلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة سلسلہ قادريه رضويه ۾ ئي مريد ڪندا آھن. تنھنڪري اسان کي بہ گھرجي تہ جڏھن بہ موقعو ملي تہ يڪدم شيخِ طريقت، اميرِ اھلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جي ذريعي غوثِ پاڪ جي مريدن ۾ شامل ٿئي وڃون.

قادِری کر قادِری رکھ قادِریوں میں اُٹھا
قدرِ عبدُالْقَادِرِ قُدرت نُما کے واسطے

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اميراھلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جي ذريعي غوثِ پاڪ جي دامنِ ڪرم سان وابستہ ٿيڻ يعني قادري سلسلي ۾ بيعت ٿيڻ جا مختلف طريقا آھن. جنھن کي جيئن آساني ٿئي اھو ان جي ذريعي بيعت ٿئي سگھي ٿو، مثال طور آمھون سامھون بيعت ٿئي سگھو ٿا. ھفته وار مدني مذاڪري ۾ مدني چينل تي جڏھن اميراھلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة براهِ راست بيعت ڪرائي رھيا ھجن، ان وقت بيعت ٿي سگھو ٿا، تعويذاتِ عطاريه جي بستن تي اميراھلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جو مريد ٿيڻ لاءِ پنھنجو نالو لکرائي سگھجي ٿو، الحمدللّٰه دعوتِ

اسلامي جي مجلس آءِ ٽي(I.T) جي ڪوشش سان موبائيل ايپليڪيشن بہ اچي چڪي آهي، جنهن جو نالو آهي ”آن لائن روحاني علاج ۽ استخاره“ (Online Rohani ilaj and istikhara)هن موبائل ايپليڪيشن جي ذريعي نہ صرف اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة سان بيعت ٿئي سگهو ٿا بلڪ هن سان گڏوگڏ تعويذاتِ عطاريہ بہ حاصل ڪري سگهو ٿا، استخاره ڪرائي سگهو ٿا ۽ مختلف بيمارين جي ڪاٽ بہ ڪرائي سگهو ٿا. هي موبائل ايپليڪيشن (Application) پلي اسٽور (Play Store) تان ڊائون لوڊ (Download) ڪري سگهجي ٿئي.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة، كتاب الايمان، باب الاعتصام ۰۰۰الخ ، ۱/ ۵۵،حديث: ۱۷۵)

سینہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا
جنَّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## لباس پائڻ جون سنتون ۽ آداب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو شيخ طريقت، اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”163 مدني گل “ مان لباس پائڻ جو سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا. پهريان بہ فرمان مصطفي ٻڌون ٿا، فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جنّ جي اکين ۽ ماڻهن جي اوگهڙ وچ ۾ پردو اهو آهي تہ جڏهن ڪپڙا لاهي تہ بِسْمِ اللّٰه چوي. [(1)] مُفسّر شهير، حڪيم الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: يعني جيئن ديوار ۽ پردا ماڻهن جي نگاهہ جي لاءِ اوٽ (يعني آڙ) بڻجندا آهن ائين ئي هي الله پاڪ جو ذڪر جنّن جي نگاهن کان اوٽ بڻجندو تہ جيئن جنّ ان(يعني

[1]... معجم اوسط، ۲/۵۹،حديث: ۲۵۰۴

شرمگاهہ) کي ڏسي نہ سگهن. [1] ✿جيڪو شخص ڪپڙو پائي ۽ هي پڙهي: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ كَسَانِيْ هٰذَا وَرَزَقَنِيْهِ مِنْ غَيْرِ حَوْلٍ مِّنِّيْ وَلَا قُوَّةٍ تہ ان جا اڳيان پويان گناهہ معاف ٿي ويندا. [2] جيڪو قدرت باوجود سٺا ڪپڙا پائڻ تواضُع (يعني عاجزي) جي ڪري ڇڏي ڏئي الله پاڪ ان کي قيامت جي ڏينهن ڪرامت جو حُلّو (يعني لباس) پارائيندو.[3] لباس حلال ڪمائي مان هجي ۽ جيڪو لباس حرام ڪمائي مان حاصل ٿئي ان ۾ فرض ۽ نفل ڪا نماز قبول ناهي ٿيندي (اَيضاً ص ١ ٤) ✿پائڻ مهل ساڄي پاسي کان شروع ڪيو (جو سنت آهي) مثلاً جڏهن ڪُرتو پايو تہ پهرين ساڄي آستين ۾ ساڄو هٿ داخل ڪيو پوءِ کاٻو هٿ کاٻي آستين ۾ ✿ اهڙي طرح پاجامو پائڻ مهل پهرين ساڄي پانچي ۾ ساڄو پير داخل ڪيو ۽ جڏهن (ڪُرتو يا پاجامو) لاهيو تہ ان جو خلاف يعني کاٻي پاسي کان شروع ڪيو ✿ مرد مردانو ۽ عورت زنانو ئي لباس پائي ✿ ننڍن ٻارن ۽ ٻارڙين ۾ بہ هن ڳالهہ جو لحاظ رکو.

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب “سنتيں اور آداب” هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اِنْ شَآءَ الله! ايندڙ هفتيوار اِجتماع جو موضوع هوندو **”بي مثال عورتون“**. تاريخ اسلام ۾ بي مثال عورتن جو ذڪر ملي ٿو، انهن ۾ صحابيات ۽ ٻيون صالحات(نيڪ عورتون) بہ گذريون آهن، ايندڙ هفيوار جي

---

[1] … مرآة المناجيح، ٢٦٨/١

[2] … شعب الايمان،باب الملابس والاوانی، ١٨١/٥،حديث:٦٢٨٥

[3] … ابوداود،کتاب الادب،باب من کظم غيظا، ٣٢٦/٤ ،حديث: ٤٧٧٨

بيان ۾ انهن بي مثال عورتن جي سيرت و ڪردار جا مختلف پهلو ۽ واقعا بيان ڪيا ويندا. هن ضمن ۾ حلال ڪمائڻ، ڪارائڻ ۽ حرام ڪان بچڻ جا فضائل به بيان ڪيا ويندا. اِهو به بيان ڪيو ويندو ته دين تي عمل جا ڪهڙا فائدا آهن ۽ اصل ڪاميابي ڇا آهي. لهٰذا! **آئنده جمعرات** به اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نه صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين ڪي به گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي زور سان چئو: ! اِنْ شَآءَ الله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب ! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِ نَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہ عَنْہ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[1]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[2]

## ﴿4﴾ ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْہِ ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[2] ...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[3] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[1]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[3]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

[2] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[3] ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305